آخري زماني ۾ پيدا ٿيڻ وارن فتنن ۽ انهن کان
ڇوٽڪاري جي باري ۾ فڪرانگيز بيان

# هڪ اهڙو زمانو ايندو



پيشڪش

## مرڪزي مجلس شوريٰ

آخري زماني ۾ پيدا ٿيڻ وارن فتنن ۽ انهن کان
ڇوٽڪاري جي باري ۾ فڪرانگيز بيان

# هڪ زمانو اهڙو ايندو

## پيشڪش
## مرڪزي مجلس شُوريٰ (دعوت اسلامي)

## ترجمو پيشڪش

مجلس تراجم هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ھڪ زمانو اھڙو ايندو[1]

## درود شريف جي فضيلت

رحمتِ عالَم، نُورِ مُجسَّم، شاھِ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آھي: اوھان پنھنجي مجلسن کي مون تي درودِ پاڪ پڙھي سينگاريو ڇوتہ اوھان جو درود پڙھڻ قيامت جي ڏينھن توھان لاءِ نور ھوندو. (جامع الصغير ص 280 حديث 4580)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدني مُني جو خوف

اڌ رات جو ھڪ ننڍڙو پار اوچتو بي چين ٿي اُٿي وينو ۽ ان جي اکين مان ننڊ اڏامي چڪي ھئي. سندس پرسان سان سُتل والد صاحب جڏھن ان جي اھا اضطرابي ڪيفيّت محسوس ڪئي تہ ڳڻتي جوڳي لھجي ۾ پڇڻ لڳو: او منھنجا پٽ! ڇا ڳالھ آھي؟ ڇا ڪٿي درد آھي تہ ٻڌاءِ؟ ڇوڪري چيو: بابا سائين! اھڙي تہ ڪا ڳالھ ناھي البت سڀاڻي جمعرات آھي، استاد صاحب سڄي ھفتي جي سبقن جو امتحان وٺندو، ان ڪري مون کي اھو ڊپ سمھڻ نٿو ڏئي تہ جيڪڏھن استاد صاحب غلطي تي پڪڙ ڪئي تہ غصي منجھان

(1) مبلّغِ دعوتِ اسلامي، نگران مرڪزي مجلسِ شوريٰ حضرت مولانا حاجي ابوحامد محمد عمران عطّاري مَدَّظِلُّهُ العَالِی ھي بيان 22 شوال المڪرَّم سن 1433ھ بمطابق 9 سيپٽمبر سن 2012ع تي دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ (ڪراچي) ۾ فرمايو. 04 ذوالقعدة الحرام سن 1434 ھ بمطابق 11 جنوري سن 2013ع تي ضروري ترميم ۽ اضافي کان پوءِ تحريري طور تي حاضر خدمت آھي. (شعبہ رسائل دعوت اسلامي مجلس المدينة العلمية)

مون کي ڏاڍو ماريندو. ڇوڪري جي ڳالهه ٻڌندي ئي فڪر آخرت جي ڪري والد صاحب جي وڏي رڙ نڪري وئي ۽ اهو پنهنجي نفس کي مخاطب ٿي روئندي چوڻ لڳو: “هاءِ افسوس! منهنجي تہ سموري زندگي ئي سرڪشي ۽ پنهنجي ربّ جي نافرماني ۾ گذري وئي آهي مون کي تہ ان ننڍڙي جي بنسبت ان ڏينهن جو وڏيڪ خوف ۽ ڊپ هئڻ گهرجي جنهن ڏينهن سڄي زندگي جو حساب ڏيڻ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻو آهي. (درة الناصحين ص 255 بتغير قليل)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان حڪايت ۾ اسان جي لاءِ درس و عبرت جا بيشمار مدني گل آهن. اسان مان هرڪ جيڪڏهن هن واقعي کي سامهون رکندي پنهنجي ۽ ان ٻار جي حالت جو جائزو وٺي تہ شايد هينيان نتيجا نڪرندا.

❁ ٻار کي تہ ڪجهہ ڏينهن جي امتحان جو فڪر آهي پر اسان سڄي زندگي جي امتحان کان غافل!

❁ ان کي تہ استاد جي سزا جو خوف آهي پر اسان عذابِ الٰهي کان غافل.

❁ ان کي تہ هڪ ٻن غلطين جو فڪر آهي پر اسان خطائن جي گهڻائي جي باوجود بي فڪر.

❁ ان کي تہ دنياوي امتحان جي فڪر سڄي رات بيقرار ڪري ڇڏيو پر اسان آخرت جي امتحان جو عقيدو رکڻ جي باوجود غفلت جي چادر وڇهيو، سڪون سان ستا پيا هجون.

غور تہ ڪيو! ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان دنيا جي محبّت ۾ مست ٻڌجي، آخرت کي وساري ويهي رهيا آهيون؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان دولت ميڙڻ واري جنجال ۾ ڦاسي حساب و ڪتاب

وساري وينا آهيون؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان مخلوق جي محبت ۾ گرفتار ٿي ياد الٰهي کان غافل ٿي چڪا آهيون؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان گناهن ۾ غرق ٿي ڪري توبهہ کي وساري وينا آهيون؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان عاليشان جاين جي تعميرن ۾ مصروف ٿي آخرت جي سڀ کان پهرين منزل يعني قبر کي وساري ڇڏيو آهي؟

## پنجن سان محبّت ۽ پنجن کان غفلت

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي 33 کان 34 تي لکن ٿا: غفلت کان بيدار ڪرڻ واري نيڪي جي دعوت تي مشتمل پنج مدني گل ملاحظ فرمايو. فرمانِ مصطفيٰصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”سَيَاْتِيْ زَمَانٌ عَلٰى اُمَّتِيْ يُحِبُّوْنَ خَمْسًا وَيَنْسَوْنَ خَمْسًا“ منهنجي امت تي اهو زمانو جلد ايندو جو اهي پنجن سان محبت رکندا ۽ پنجن کي وساري ڇڏيندا:

﴿1﴾ يُحِبُّوْنَ الدُّنْيَا وَ يَنْسَوْنَ الْاٰخِرَةَ. دنيا سان محبت رکندا، آخرت کي وساري ڇڏيندا.

﴿2﴾ وَيُحِبُّوْنَ الْمَالَ وَيَنْسَوْنَ الْحِسَابَ. مال سان محبت رکندا ۽ (آخرت جي) حساب کي وساري ڇڏيندا.

﴿3﴾ ويُحِبُّوْنَ الْخَلْقَ وَيَنْسَوْنَ الْخَالِقَ. مخلوق سان محبت رکندا خالق کي وساري ڇڏيندا.

﴿4﴾ وَيُحِبّوْنَ الذُّنُوْبَ وَيَنْسَوْنَ التَّوْبَةَ. گناهن سان محبت رکندا ۽ توبہ کي وساري ڇڏيندا.

﴿5﴾ وَ يُحِبُّوْنَ الْقُصُوْرَ وَيَنْسَوْنَ الْمَقْبَرَةَ محلات سان محبت رکندا ۽ قبرستان کي وساري ڇڏيندا. (مڪاشفة القلوب ص 34)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موجوده دؤر قيامت جي نشانين ۽ ان کان پهريان ظاهر ٿيندڙ بيشمار فتنن سان لبريز آهي. هر نئون ڏينهن نئين قيامت جي علامت ۽ نون نون فتنن سان ظاهر ٿئي ٿو اها ڪيتري وڏي ستم ظريفي آهي جو جنهن امت جا حقيقي خيرخواه حضور نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ظاهري زندگي ۾ فتنن واري دور جي هولناڪين جي باري ۾ فڪرمند رهندا هئا جو آزمائشن، پريشانين ۽ فتنن جي ان هولناڪ زماني ۾ منهنجي امت ڪٿي راهِ حق کان ٿڙي نه وڃي. اڄ ان امت جا فرد انهن فتنن ۾ ڦئجي پنهنجن ئي هٿن سان دين و ديانت، حق و امانت ۽ پاڻ ۾ محبّت و شرافت جو بنا سوچڻ سمجهڻ جي قتل عام ڪري رهيا آهن، تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هر طبقي سان تعلق رکڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن تائين رحمتِ عالم، نور مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهي فرمان مبارڪ پهچايا وڃن جنهن ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "هڪ اهڙو زمانو ايندو"، "قيامت جي ويجهن نشانين منجهان آهي"، "قيامت ان وقت تائين قائم نه ٿيندي" يا ان جهڙا ٻيا الفاظ ارشاد فرمائي پنهنجي علم غيب جي ذريعي 14 سؤ سال پهريان ان موجوده ۽ ايندڙ دور جي فتنن جي پيشن گوئي فرمائيندي اسان کي انهن جي ڀڙڪندڙ شعلن کان پنهنجو دامن بچائڻ جي ترغيب ڏياري آهي. اچو برڪت ۽ عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ چند حديثون ۽ انهن جي شرح ۽ وضاحت ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جا ارشاد ملاحظ فرمايو:

# ﴿1﴾ گهروارن جي هٿان هلاڪت

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الۡعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو ان شخص کان سواءِ ڪنهن ديندار جو دين محفوظ نه رهندو جو پنهنجي دين جي حفاظت خاطر هڪ جبل کان ٻئي جبل ۽ هڪ غار کان ٻئي غار ڏانهن ڀڄندو. ان وقت معيشت جو حصول **الله** عَزَّوَجَلَّ کي ناراض ڪرڻ سواءِ نه هوندو. جڏهن اها صورتحال ٿيندي ته ماڻهو پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن جي هٿان هلاڪ ٿيندو، جيڪڏهن گهرواري ۽ ٻار نه هوندس ته والدين جي هٿان ان جي هلاڪت ٿيندي ۽ جيڪڏهن والدين به نه هوندس ته ان جي هلاڪت رشتيدارن يا پاڙيسرين جي هٿان ٿيندي.“ صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: ”يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو ڪيئن ٿيندو؟“ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اهي هن کي معيشت جي تنگ هئڻ تي عار ڏياريندا، ان وقت اهو پنهنجو پاڻ کي هلاڪت وارين جاين ڏانهن وٺي ويندو. (الزهد الكبير للبيهقي ص 183، حديث 439)

هن حديث پاڪ تي خصوصًا اهي اسلامي ڀينرون غور ڪن جيڪي پنهنجن مڙسن کي سندن آمدني تي قسمين قسمين جا طعنا ڏينديون آهن هن طرح جون اجايون ڳالهيون ڪنديون آهن: ”فلاڻ ايڏو وڏو گهر نهرايو آهي، فلاڻ ڪيڏو خوشحال ٿي ويو آهي، توهان به ته ڪجهه ڪريو، تنهنجي تنخواه نهايت ٿوري آهي ان مان ته گهر جو خرچو به پورو نٿو ٿئي وغيره وغيره.“ ۽ مڙس ملازمت ۽ ڪاروبار کان جيئن ئي ٿڪو ٽٽو گهر ايندو آهي ته ان وقت پنهنجون

فرمائشون ۽ ٻارن جون شڪايتون ڪري ان کي مالي حالات کان بيزار ۽ ذهني ٽينشن ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديون آهن. پوءِ نتيجو هي نڪرندو آهي تہ ويچارو مڙس ان جي طعنن کان بچڻ ۽ ان جي گهٽين فرمائشن پورين ڪرڻ لاءِ حلال و حرام جي پرواهہ ڪرڻ سواءِ دولت حاصل ڪرڻ جي وبال ۾ ڦاسي، مجبورًا ناجائز طريقا اختيار ڪندو آهي، جيئن تہ ايندڙ زماني ۾ ظاهر ٿيندڙ فتنن جي باري ۾ هڪ هي حديث شريف بہ آهي.

## ﴿2﴾ حلال ۽ حرام مال جي باري ۾ لاپرواهي

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ رحمت عالم، نور مجسّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو هن ڳالهہ جي ڪا پرواهہ نہ هوندي تہ ان (مال) ڪٿان حاصل ڪيو حرام مان يا حلال مان.“ (بخاري شريف ج 2 ص 7 حديث 2059)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”يعني آخري زماني ۾ ماڻهو دين کان لاپرواهہ ٿي ويندا، پيٽ جي فڪر ۾ هر طرح سان ڦاسي پوندا، آمدني وڌائڻ، دولت گڏ ڪرڻ جو فڪر ڪندا، هر حرام و حلال وٺڻ تي دلير ٿي ويندا جهڙي طرح اڄڪلهہ عام آهي.“

(مرأة المناجيح ج 4 ص 229)

## حرام مال جو وبال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حلال روزي ڪمائڻ ۽ حرام روزي کان پاڻ کي ۽ پنهنجي گهرواري ۽ ٻچن ٻارن کي بچائڻ جي لاءِ علم دين سکڻ ۽ حلال ۽ حرام جو فرق ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي. ياد رکو! جيڪڏهن ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ، گهرواري ٻارن يا قريبي رشتيدارن جي

اجاين خواهشن جي پورائي ۽ انهن جي طعنن کان بچڻ جي لاءِ حلال ۽ حرام جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ مال ۽ دولت ميڙيندا رهيا ۽ علم دين سکي سنتن جي مطابق انهن جي تربيّت نہ ڪئي تہ متان ائين نہ ٿئي جو سياڻي قيامت واري ڏينهن اها ئي گهرواري ۽ ٻار ٻچا اوهان جي خلاف بارگاهه الاهي ۾ مقدمو داخل ڪن.

## بارگاهه الٰهي ۾ دعويٰ

حضرت سيدنا فقيہ ابواللّيث سمرقندي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی نقل ڪن ٿا: مروي آهي تہ مرد سان تعلق رکڻ وارن ۾ پهريان ان جي گهرواري ۽ ان جو اولاد آهي، اهي سڀ (ٻار ٻچا قيامت ۾) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندا تہ اي اسان جا ربّ عَزَّوَجَلَّ! اسان کي انهيءَ شخص کان پنهنجو حق ڏيار، چوتہ انهيءَ ڪڏهن اسان کي ديني معاملن جي تعليم نہ ڏني ۽ اسان کي حرام کارائيندو هو جنهن جي اسان کي خبر نہ هئي پوءِ ان شخص کي حرام ڪمائڻ تي ايترو تہ ماريو ويندو جو ان جو گوشت ڇڻي ويندو، وري ان کي ميزان (يعني عملن جي تارازي) وٽ آندو ويندو، ملائڪ جبل جيترين ان جون نيڪيون ڪڻي ايندا تہ ان جي عيال (يعني ٻارن ٻچن) مان هڪ شخص اڳتي وڌي چوندو: ”منهنجون نيڪيون گهٽ آهن“ تہ اهو ان جي نيڪين منجهان ڪڻندو پوءِ ٻيو اچي چوندو: ”تو مون کي وياج کارايو هو“ ۽ ان جي نيڪين مان ڪڻندو، اهڙي طرح ان جا گهروارا ان جون سڀ نيڪيون ڪڻي ويندا ۽ اهو پنهنجي اهل و عيال ڏانهن حسرت و مايوسي منجهان ڏسي چوندو: ”هاڻي منهنجي ڪلهن تي اهي گناهه ۽ ظلم رهجي ويا آهن جيڪي مون اوهان جي لاءِ ڪيا

هئا.“ (ان وقت) ملائڪ چوندا: ”هي اهو (بدنصيب) شخص آهي جنهن جون نيڪيون ان جا گهر وارا ڪٽي ويا ۽ اهو انهن جي ڪري جهنم ۾ داخل ٿيندو.“ (قرة العيون ص 401)

غور ڪريو! ان شخص جي بدنصيبي جي ڪهڙي حالت هوندي جنهن جون سيئي نيڪيون ان جا گهر وارا حاصل ڪري نجات ماڻيندا ۽ اهو پاڻ ڪنگال ٿي ويندو. تنهن ڪري غنيمت ڄاڻندي غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿيو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري وارن ڪمن ۾ لڳي وڃو، ڪٿي ائين نه ٿئي جو نيڪيون ڪرڻ اسان جي لاءِ سخت ڏکيون ٿي پون ڇوته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ اهڙي وقت جي نشاندهي به ڪئي آهي جنهن ۾ سنت تي عمل ڪرڻ، دين تي قائم رهڻ ۽ ان راهه ۾ اچڻ وارين تڪليفن تي صبر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. انهيءَ سلسلي ۾ 2 فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو ۽ پنهنجي پاڻ کي قرآن و سنّت جو پابند بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو.

## ﴿3﴾ سنتن تي عمل ڪرڻ ٽانڊو ڪٽڻ جي مثل هوندو

﴿1﴾ رحمتِ عالم، نور مجسم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اَلْمُتَمَسِّكُ بِسُنَّتِيْ عِنْدَ اِخْتِلَافِ اُمَّتِيْ كَالْقَابِضِ عَلَى الْجَمْرِ“ يعني امت جي (فتني ۽ فساد جي وقت منهنجي سنّت تي عمل ڪرڻ وارو ٽانڊي ڪٽڻ واري وانگر هوندو. (نوادر الاصول، الجزء الاوّل ص 68 حديث 87)

﴿2﴾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”يَأْتِيْ عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ الصَّابِرُ فِيْهِمْ عَلٰى دِيْنِهٖ كَالْقَابِضِ عَلَى الْجَمْرِ“

يعني ماڻھن تي اھڙو زمانو ايندو جو انھن ۾ پنھنجي دين تي صبر ڪرڻ وارو ٽانڊو جھلڻ واري جيان ھوندو. (ترمذي ج 4 ص 115 حديث 2267)

مُفسّر شھير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان ھن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”اھو زمانو قيامت جي ويجھو ھوندو جنھن جي شروعات اڄ ٿي چڪي آھي. اڄڪلھ ديندار بڻجي رھڻ مشڪل آھي. اڄ ڏاڙھي رکڻ، نماز جي پابندي ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آھي. وياج کان بچڻ تہ تقريبًا ناممڪن ٿي آھي.“ وڌيڪ فرمائن ٿا: ”جيئن ھٿ ۾ ٽانڊو رکڻ تمام وڏي صبر واري جو ڪم آھي اھڙي طرح ان وقت مخلص، ڪامل مسلمان بڻجڻ سخت مشڪل ٿي پوندو.“ (مرآة المناجيح ج 7 ص 172)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دين تي ھلڻ وارن جي لاءِ آزمائش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مفتي صاحب جي بيان ڪيل شرح ۾ اسان جي لاءِ تمام وڏو عبرت جو سامان آھي ۽ اھو انھن پنھنجي دور جي باري ۾ تقريبًا پنجونجاھ (55) سال پھريان فرمايو ۽ ھاڻي تہ ان کان ڪئي ڀيرا وڌيڪ پرفتن ۽ بي عملي جو دور آھي. ھي ڳالھ ڪنھن کان لڪل ناھي تہ اڄڪلھ جيڪي اسلامي ڀينرون برقعو پائن ٿيون، شرعي پردو ڪن ٿيون ۽ شريعت و سنّت جي مطابق زندگي گذارڻ چاھين ٿيون انھن لاءِ ۽ پڻ جيڪي اسلامي ڀائر سنتن ڀريو لباس اپنائڻ، پنھنجي مٿي تي سبز عمامي جو تاج سجائڻ ۽ سنتن جو پيڪر بڻجي شريعت و سنّت جي پابندي ڪرڻ چاھين ٿا ۽ ديانتداري سان پنھنجي فرائض منصبي کي نڀائيندي

حلال روزي ڪمائڻ چاهين ٿا انهن جي لاءِ سخت آزمائش آهي. هڪ پاسي تہ معاشري جا فرد انهن ويچارن کي هر طرح سان ستائين ٿا، انهن جي دل آزاري ڪن ٿا، انهن جي حوصلہ شڪني ڪن ٿا ۽ وري ٻئي پاسي صالح عملن جي ادائگي ۾ نفس و شيطان رُخنو وجهن ٿا. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ پنهنجي هڪ ڪلام ۾ انهن حالات جي ڪجھ هن ريت عڪاسي فرمائي آهي.

تری سنّت پہ چلتا ہوں تو طعنے لوگ دیتے ہیں
شہنشاہِ مدینہ! نفس بھی مجھ کو ستاتا ہے (وسائل بخشش ص 139)

## خود انصاف ڪريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انسان کان غلطيون ٿينديون رهن ٿيون ليڪن افسوس جوڳي ڳالھ هي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن مذهبي ۽ دين تي عمل ڪرڻ واري شخص کان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ان کي ڏاڍو نروار ڪيو ويندو آهي، اهڙي طرح اسلام ۽ شريعت و سنّت تي هلڻ وارن کي بدنام ڪيو ويندو آهي، جنهن سان ماڻهن جي دلين ۾ انهن لاءِ نفرت پيدا ٿيندي آهي، نتيجي ۾ عوام انهن کان مُتَنَفِّر ٿيندو آهي، انهن کي حقارت جي نگاھ سان ڏسندو آهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ڪندو آهي. اهڙي پُرفتن دؤر ۾ دين تي قائم رهڻ، نماز، روزي جي پابند اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي وڌيڪ محتاط رهڻ گهرجي. دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مدني گُلن ۾ آهي: ”معمولي بي احتياطي بہ ڪڏهن ڪڏهن وڏي نقصان جو سبب بڻبي آهي جيڪڏهن واقعي اوهان

مدني ڪم ڪرڻ چاهيو تا تہ جيستائين شريعت حڪم نہ ڏئي هرگز ڪنهن سُنّي کي پنهنجو مخالف نہ بڻايو. اوهان جي چال چلت کي ماڻهو غور سان ڏسندا هوندا تنهن ڪري ڪو اهڙو ڪم نہ ڪيو جو دعوتِ اسلامي تي آڱر کڄي.“ بهرحال احتياط جي باوجود مشڪلاتون هجن، ماڻهو طعنا ڏين يا گهر وارا سنتن جي مطابق زندگي گذارڻ ۾ رڪاوٽون وجهن تہ گهبرائڻ نہ گهرجي جو جنهن ڪم ۾ زياده مشڪلاتون هونديون آهن تہ ان جو ثواب بہ زياده هوندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ 2 حديثون ملاحظ فرمائي خوش ٿيو.

﴿1﴾ ڪشف الخفاء ۾ آهي: ”اَفْضَلُ الْعِبَادَةِ اَحْمَزُهَا“ يعني افضل ترين عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت زياده هجي. (ڪشف الخفاء ج 1 ص 141)

﴿2﴾ سرڪار مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: جيڪو امت جي فساد جي وقت منهنجي سنّت کي مضبوطي سان وٺي ان کي سؤ شهيدن جو ثواب ملندو.

(الزهد الڪبير للبيهقي الجزء الاوّل ص 118 حديث 207)

مُفسّر شهير حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان انهيءَ حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”جڏهن تہ شهيد هڪ دفعو تلوار جو زخم کائي پار ٿي ويندو آهي پر هي الله (عَزَّوَجَلّ) جو ٻانهو سڄي عمر ماڻهن جا طعنا ۽ زبانن جا گهاءُ جهليندو رهندو آهي. الله (عَزَّوَجَلّ) ۽ رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي خاطر سڀ ڪجهہ برداشت ڪندو آهي. ان جو جهاد، جهادِ اڪبر آهي جيئن هن زماني ۾ ڏاڙهي رکڻ، وياج کان بچڻ وغيره.“ (مرأة المناجيح ج 1 ص 173)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ ظاهر ۾ دوست، باطن ۾ دشمن

ايندڙ زماني ۾ ظاهر ٿيڻ وارن فتنن جي باري ۾ هڪ حديث شريف ۾ آهي ته حُضُورنبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”آخري زماني ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به ٿيندا جيڪي ظاهر ۾ دوست هوندا ۽ باطن ۾ دشمن“ عرض ڪيو ويو: ”يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اهو ڪيئن هوندو؟“ ارشاد فرمايائون: ”(پنهنجي دنيا کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ) هڪ ٻئي جي طرف رغبت (لالچ) ۽ هڪ ٻئي کان ڊڄڻ جي ڪري هوندو.“

(مسند احمد ج 8 ص 244 حديث 22116)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”قيامت جي ويجهو اهڙا ماڻهو ٿيندا جيڪي پنهنجون نيڪيون ظاهري طور پسند ڪندا ته جيئن ماڻهو انهن جي واهه واهه ڪن. اڪيلائي ۾ هڪ ته عمل نه ڪندا، جيڪڏهن ڪندا ته معمولي طريقي سان.

(وڌيڪ فرمائن ٿا ته) انهن ماڻهن جي دلين ۾ الله (عَزَّوَجَلَّ) جو خوف، الله (عَزَّوَجَلَّ) جي ذات ۾ اميد نه هوندي يا گهٽ هوندي، ماڻهن جو خوف، ماڻهن ۾ اميد انهن تي غالب هوندي. هن فرمان عاليشان ۾ علماء، عابد، زاهد، سخي، مجاهد وغيره سڀئي داخل آهن. هر عمل اخلاص سان قبول ٿيندو آهي. اشعة اللمعات ۾ آهي ته انهيءَ ۾ اهي به داخل آهن جيڪي ماڻهن سان ظاهري محبت ڪندا ۽ اها به غرض جي لاءِ، جڏهن غرض نڪري ويندو ته دوستي به ختم ٿي ويندي.“

(مرآة المناجيح ج 7 ص 140)

# منهنجي لاءِ ڪهڙو عمل ڪيو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمان جو هر ڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هئڻ گهرجي، ايستائين جو جيڪڏهن ڪنهن سان دوستي رکي ته به الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا خاطر ۽ دشمني رکي ته به الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ. مروي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ هڪ نبي وٽ وحي موڪلي ته فلان زاهد (پرهيزگار) کي چئو ته تنهنجو زهد ۽ دنيا کان بي رغبتي پنهنجي نفس جي راحت آهي ۽ سڀ کان جدا ٿي ڪري مون سان تعلق رکڻ اها تنهنجي عزّت آهي جيڪو توتي منهنجو حق آهي ان جي بدلي ۾ تو ڪهڙو عمل ڪيو؟ عرض ڪيائين: "اي منهنجا ربّ! اهو ڪهڙو عمل آهي؟" الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: "ڇا تو منهنجي ڪري ڪنهن سان دشمني ڪئي ۽ منهنجي باري ۾ ڪنهن ولي سان دوستي ڪئي؟"

(حلية الاولياء ج 10 ص 337 حديث 15384)

تنهن ڪري اسان کي به گهرجي ته دوستي ۽ دشمني، محبت و نفرت ۽ ٻڻ هر قسم جي گڏيل تعلقات ۾ رضاءِ الٰهي کي پيش نظر رکون جيڪي خوشنصيب الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هڪ ٻئي سان دوستي رکندا آهن، انهن کي مبارڪ هجي ته اهڙا ماڻهو حديث جي حڪم مطابق نه صرف ڪاملُ الايمان آهن بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي قيامت واري ڏينهن گڏ ڪندو پڻ اهي خوشنصيب عرش جي چوڌاري ياقوت جي ڪرسين تي ويهندا ۽ جنّت ۾ ياقوت جي ٿنين تي مشتمل زبرجد جي مٿانهين طبقي تي انهن جا ٺڪاڻا هوندا. انهيءَ سلسلي ۾ 4 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمائي، خوش ٿيو.

# رضاءِ الٰهي جي لاءِ محبّت ڪرڻ وارن جي جزا

﴿1﴾ جيڪو شخص ڪنهن سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي (رضا) لاءِ محبّت رکي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ دشمني ڪري ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڏئي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ منع ڪري، ان پنهنجو ايمان ڪامل ڪري ڇڏيو. (ابوداوٗد ج 4 ص 290 حديث 4681)

﴿2﴾ ٻن شخصن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪئي ۽ هڪ اوير ۾ آهي، ٻيو اولهه ۾، قيامت جي ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻنهي کي گڏ ڪندو ۽ فرمائيندو: ”هي ئي (اهو) ماڻهو آهي جنهن سان تو منهنجي لاءِ محبّت ڪئي هئي.“ (شعب الايمان ج 6 ص 492 حديث 9022)

﴿3﴾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت رکڻ وارا عرش جي چوڌاري ياقوت جي ڪرسي تي هوندا. (المعجم الڪبير ج 4 ص 150 حديث 3973)

﴿4﴾ جنّت ۾ ياقوت جا ٿنڀ آهن انهن تي زبرجد جا محل آهن، اهي اهڙا ته روشن آهن جيئن چمڪندڙ تارا. ماڻهن عرض ڪيو: ”يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! انهن ۾ ڪير رهندو؟“ فرمايائون: ”اهي ماڻهو جيڪي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت رکندا آهن، هڪ جاءِ تي ويهندا ۽ پاڻ ۾ ملندا آهن.“ (شعب الايمان ج 6 ص 487 حديث 9002)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان جيڪي ماڻهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خاطر هڪ ٻئي سان محبّت رکن ٿا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن انهن کي ڪهڙا ڪهڙا انعام عطا فرمائيندو پر افسوس! اڄڪلهه اسان جي معاشري ۾ مفاد پرستي ايتري قدر ته عام ٿي چڪي آهي جو دنياوي معاملات هڪ پاسي، هاڻي ته ديني معاملن ۾ به ماڻهو پنهنجو غرض ۽ پنهنجو مفاد تلاش ڪندا وتندا آهن مثال طور سلام کي ئي وٺو، جيڪو نه رڳو اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ

وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي سنّت مبارڪ آهي بلڪ ابوالبشر حضرت سيدنا آدم عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي به سنّت آهي. (مرأۃ المناجيح ج 6 ص 313) پر بدقسمتي سان اڄڪلهه ماڻهن جي اڪثريت انهيءَ سنّت کان غافل نظر اچي پئي. عام مشاهدو آهي ته جنهن سان ڄاڻ سڃاڻ نه هجي، ان کي ته سلام ڪرڻ گوارا ئي نٿو ڪيو وڃي، ايستائين جو جيڪڏهن ڪي ماڻهو ڪنهن جاءِ ته موجود هجن ته نو وارد (نئون اچڻ وارو) پنهنجي بين مسلمان ڀائرن کي نظر انداز ڪري خاص خاص ماڻهن کي يا صرف ان شخص کي سلام ڪندو آهي جنهن کي اهو سڃاڻي ٿو ۽ اهو به عام رواجي پوءِ ڪنهن نه ڪنهن مفاد جي پيش نظر ۽ چو نه هجي جو ان ڳالهه جي نشاندهي ته غيب دان آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پهريان ئي فرمائي چڪا آهن.

حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽان هڪ شخص لنگهيو ۽ چيائين: ”اي ابوعبدالرحمٰن! اَلسَّلَامُ عَلَیْکُمْ!“ ته اوهان ارشاد فرمايو: ”صَدَقَ اللّٰہُ وَ بَلَّغَ رَسُوْلَہٗ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ سچ فرمايو ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پهچايو) حضرت سيدنا طارق بن شهاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ عرض ڪيو: ”هڪ شخص اوهان کي سلام ڪيو ۽ اوهان ان جي جواب ۾ صَدَقَ اللّٰہُ وَ بَلَّغَ رَسُوْلَہٗ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو؟ ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائڻ لڳا: ”مون رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته قيامت کان پهريان خاص خاص ماڻهن کي سلام ڪيو ويندو، تجارت ڦهلجي ويندي ايستائين جو (دنيا کي حاصل ڪرڻ جي خاطر) گهرواري پنهنجي مڙس جي مدد ڪرڻ لڳندي ۽ ماڻهو پنهنجو مال ڪٽي زمين جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ويندو ۽ جڏهن واپس موٽي ايندو ته چوندو مون کي

ڪوبہ نفعو حاصل نہ ٿيو.“ (مستدرڪ ج 5 ص 635 حديث 8427 ملتقطًا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديث پاڪ ۾ ٽن شين جو خصوصي ذڪر ڪيو ويو آهي. خاص خاص ماڻهن کي سلام ڪيو ويندو، واپار ۾ گهرواري، مڙس جي مدد ڪندي ۽ واپار ۾ نفعو نہ ٿيندو.

## ﴿5﴾ خاص خاص ماڻهن کي سلام ڪيو ويندو

ياد رکو! اسلام ۾ سلام جي وڏي اهميّت آهي بلڪ سلام اسلام جي بهترين عملن مان هڪ عمل آهي. پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي عادت مبارڪ هئي تہ ڪنهن سان ملاقات ٿيندي هئي تہ سلام ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا. (شعب الايمان ج 2 ص 155 حديث 1430) تنهن ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ان پياري سنّت تي عمل ڪندي هر مسلمان کي سلام ڪندا ڪريون، چاهي اسان ان کي سڃاڻندا هجون يا نہ. سلام عام ڪرڻ وارن خوش نصيبن کي مبارڪ هجي جو انهن جي لاءِ جنّت ۾ عظيم الشان محل تيار ڪيا ويا آهن، سلام عام ڪرڻ نہ رڳو سلامتي سان جنّت ۾ داخل ٿيڻ جو ذريعو بلڪ گناهن جو ڪفارو بہ آهي. اچو سلام جي عادت بڻائڻ لاءِ ان جي فضيلت و اهميّت جي متعلق 4 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا.

## سلام عام ڪيوءِ اجر ڪمايو

﴿1﴾ حضرت سيدنا عبدالله بن عمرو بن العاص رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي عرض ڪيو: ”اسلام جي ڪهڙي شيء سڀ کان بهتر آهي؟“ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”هي تہ تون ڪاڌو کارائين (مسڪينن

ڪي) ۽ سلام ڪرين هر شخص کي چاهي تون ان کي سڃاڻندو هجين يا نہ.“ (بخاري ج 1 ص 16 حديث 12)

﴿2﴾ حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا مون عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي اهڙي عمل جي باري ۾ ٻڌايو جنهن جي ڪري مان جنّت ۾ داخل ٿي وڃان.“ ارشاد فرمايائون: ”سلام عام ڪريو، کاڌو کارايو، صلہ رحمي ڪريو ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سمهي پون تہ نماز پڙهو، سلامتي سان جنّت ۾ داخل ٿيندؤ.“ (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج 1 ص 363 حديث 508)

﴿3﴾ حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: کاڌو کارائڻ ۽ سلام عام ڪرڻ ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سمهي پون تہ نماز پڙهڻ گناهن جو ڪفارو آهي. (المستدرڪ ج 5 ص 178 حديث 7255)

﴿4﴾ حضرت سيِّدُنا ابومالڪ اشعري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سيد المبلغين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بيشڪ جنّت ۾ ڪي اهڙا محل آهن جن جي آرپار نظر ايندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ اهي انهن ماڻهن لاءِ تيار ڪيا آهن جيڪي محتاجن کي کاڌو کارائن ٿا، سلام عام ڪن ٿا ۽ رات ۾ جڏهن ماڻهو سمهي پون ٿا تہ نماز پڙهن ٿا. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان ج 1 ص 363 حديث 509)

## ﴿6﴾ واپار ۾ گهرواري مڙس جي مدد ڪندي

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ حلال روزي ڪمائڻ عبادت آهي پر ان جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ واپار يا ملازمت يا محنت مزدوري ڪرڻ عورت جي جي بدران مرد جي ذميدارين ۾ شامل آهي. جيستائين عورت جي ذميدارين جو تعلق آهي تہ اهو پنهنجي مڙس

جي خدمت، ان جي ناموس جي حفاظت، ٻارن جي پرورش ۽ گهرو ڪم ڪار جي ذميدار آهي ڇوته شريعت مطهّره عورت کي چادر ۽ چارديواري جو حڪم ڏنو آهي. يقينًا اسلام جن شين جي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ان ۾ اسان جو ئي ڀلو آهي ۽ جن شين کان روڪيو آهي انهن جي ڪرڻ ۾ اسان جو نقصان آهي.

## چادر ۽ چارديواري جي تعليم ڪنهن ڏني؟

ڪي آزاد خيال مرد و عورت چوندا آهن ته علماءِ ڪرام عورتن کي چارديواري ۾ ويهارڻ چاهين ٿا. ياد رکو! ان ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جو ڪو پنهنجو ذاتي مفاد ناهي بلڪ حقيقت هي آهي ته اهو دنيا جي ڪنهن عالمِ دين جو ناهي، ربُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جو حڪم آهي. جيئن 22هين سيپاري **سورة الاحزاب** جي آيت نمبر 33 ۾ ارشاد آهي:

وَ قَرْنَ فِیْ بُیُوْتِكُنَّ وَ لَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِیَّةِ الْاُوْلٰى (پ 22 الاحزاب 33)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ پنهنجي گهرن ۾ پيون رهو ۽ بي پرده نه رهو اڳوڻي جاهليّت جي بي پردگي وانگر.

خليفه اعليٰ حضرت صدر الافاضل حضرت علّامه مولانا سيّد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي انهيءَ آيت ڪريمه جي تحت فرمائن ٿا: اڳين جاهليّت مان مراد اسلام کان اڳ وارو زمانو آهي، ان زماني ۾ عورتون آڪڙجي نڪرنديون هيون، پنهنجي زينت و حسن (يعني هار سينگار وغيره) جو اظهار ڪنديون هيون جو غير مرد (يعني ڌاريا) ڏسن. لباس اهڙي طرح پائينديون هيون جنهن سان جسم جا عضوا چڱي طرح نه ڍڪجن.

افسوس! موجوده دور ۾ به جاهليّت جي زماني واري بي

پردگي تي رهي آهي. يقينًا جيئن ان زماني ۾ پردو ضروري هو اهڙي طرح اڄ به آهي، تنهن ڪري عورت ڪي گهرجي ته حڪمِ الٰهي تي عمل ڪندي پنهنجي پاڻ ڪي چادر ۽ چارديواري جو پابند بڻائي ۽ بنا ضرورت نه گلي، بازارن ۽ تفريح گاهن جي زينت بڻجي ۽ نه وري واپار ۽ ملازمت ڪري. البت مجبورًا شريعت جي حدن ۾ رهندي عورت حلال ڪمائي جا طريقا اختيار ڪري سگهي ٿي، جيئن پندرهين صدي جي عظيم علمي و روحاني شخصيّت، شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب ”پردي جي باري ۾ سوال جواب“ ۾ سوال جواب جي صورت ۾ انهيءَ مسئلي جي وضاحت فرمائي آهي، اچو ته ان ڪي ملاحظ ڪريون:

## عورت جي لاءِ ملازمت جا شرط

**سوال**: ڇا عورت ملازمت ڪري سگهي ٿي؟

**جواب**: پنجن شرطن سان اجازت آهي جيئن ته منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خانعَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”هتي پنج شرط آهن: ﴿1﴾ ڪپڙا سنها نه هجن جن مان مٿي جا وار يا ڪارائي وغيره ستر جو ڪو حصو ظاهر ٿئي ﴿2﴾ ڪپڙا سوڙها نه هجن جيڪي جسم جي بيهڪ (يعني سيني جو اڀار يا پني وغيره جي گولائي وغيره) ظاهر ڪن ﴿3﴾ وار يا گلي يا پيٽ يا ڪارائي يا پني جو ڪو حصو ظاهر نه ٿيندو هجي ﴿4﴾ ڪڏهن نامحرم سان معمولي دير جي لاءِ به اڪيلائي نه ٿيندي هجي ﴿5﴾ ان جي اتي رهڻ يا ٻاهر اچڻ وڃڻ ۾ ڪو فتني جو گمان نه

هجي. اِهي پنج ئي شرط جيڪڏهن موجود آهن تہ حرج ناهي ۽ انهن مان هڪ بہ گهٽ آهي تہ (ملازمت وغيره) حرام آهي.

(فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 248)

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: ”جهالت ۽ بيباڪي جو دؤر آهي، مٿي ذڪر ڪيل پنجن شرطن تي عمل اڄڪلهه ڏاڍو مشڪل آهي. اڄڪلهه آفيسن وغيره ۾ مرد ۽ عورتون مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ گڏجي ڪم ڪندا آهن ۽ ائين انهن ٻنهي جي لاءِ بي پردگي، بي تڪلفي ۽ بدنگاهي کان بچڻ ناممڪن جي قريب آهي، تنهنڪري عورت کي گهرجي تہ گهر ۽ آفيس ۾ نوڪري جي بدران ڪو گهريلو روزگار اختيار ڪري.“ (پردي جي باري ۾ سوال جواب ص 123)

## ﴿7﴾ تجارت ۾ نفعو نہ ٿيندو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه واپار ۾ بدديانتي، ڪوڙ، ماپ تور ۾ ڪمي، وياج خوري، رشوت وٺڻ ۽ مختلف قسم جي ناجائز طريقن سان مال حاصل ڪيو ويندو آهي. ظاهري طرح سان گهڻو مال نظر ايندو آهي پر ياد رکو! ڌوڪي ۽ بدديانتي سان حاصل ڪيل مال ۾ برڪت ناهي هوندي. حضرت سيدنا محمد بن عبدالرسول برزنجي شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: ”اهو (واپار ۾ نفعو نہ پوڻ) ان ڳالهه جي طرف اشارو آهي تہ تاجرن ۾ ڌوڪي ۽ گهڻي ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪري واپار ۾ برڪت ناهي ٿيندي.“

(الاشاعة لاشراط الساعة ص 112)

## ﴿8﴾ قتل جو سبب معلوم نہ هوندو

شايد انهن برائين جي ڪري اسان جون پاڻ ۾ محبتون ختم ٿي رهيون آهن ۽ نفرتون ڦهلجي رهيون آهن، چند ٽڪن جي خاطر

پهريان پاڻ ۾ منهن ماري ٿيندي آهي پوءِ لڙائي جهگهڙو ٿيندو آهي آخرڪار نتيجو ڪنهن نہ ڪنهن ڏر جي قتل جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي بلڪ اڄڪلهہ تہ خونريزي جي ايتري قدر ڪثرت آهي جو جنهن قتل ڪيو خود ان کي بہ خبر ناهي هوندي تہ قتل جو اصل سبب ڇا هو، ٿورو غور تہ ڪريو! ڪٿي هي اهو زمانو تہ ناهي جنهن جي باري ۾ سرڪارِ نامدار، باذن روزگار، غيبن تي خبردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪئي صديون اڳ ۾ ارشاد فرمايو هو: ”ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي ضرور ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو لَا يَدْرِى الْقَاتِلُ فِيْ اَيِّ شَيْءٍ قَتَلَ وَلَا يَدْرِى الْمَقْتُوْلُ عَلٰى اَيِّ شَيْءٍ قُتِلَ يعني نہ ئي قاتل کي خبر هوندي تہ ان قتل ڪهڙي سبب جي ڪيو ۽ نہ وري مقتول کي معلوم هوندو تہ ان کي ڪهڙي سبب جي ڪري قتل ڪيو ويو.“

(مسلم شريف ص 1555 حديث 2908)

ياد رکو! انساني جان جو قتل الله عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ تمام وڏو جرم آهي. قرآن پاڪ ۾ ڪيترين ئي جاين تي قتل جي ممانعت و مذمّت بيان ڪئي وئي آهي، اچو انهيءَ سلسلي ۾ 4 فرمان باري تعالىٰ ملاحظہ ڪيو:

﴿1﴾ وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ اَنْ يَّقْتُلَ مُؤْمِنًا (پ 5 النساء 92)

ترجموڪنزالايمان: ۽ مسلمان حق نہ آهي جو مسلمان جو خون ڪري

﴿2﴾ وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِىْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ (پ 15 بني اسرائيل 33)

ترجموڪنزالايمان: ۽ ڪنهن بہ ساهہ جنهن جي عزت الله رکي آهي ناحق قتل نہ ڪريو.

﴿3﴾ وَ مَنۡ یَّقۡتُلۡ مُؤۡمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُہٗ جَہَنَّمُ خٰلِدًا فِیۡہَا وَ غَضِبَ اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَلَعَنَہٗ وَاَعَدَّ لَہٗ عَذَابًا عَظِیۡمًا ﴿۹۳﴾ (پ 5 النساء 93)

ترجموڪنزالايمان: ۽ جيڪو مسلمان کي ڄاڻي واڻي قتل ڪري تہ ان جو بدلو جهنم آهي جو ڪيتري مدت ان ۾ رهي ۽ الله ان تي ڏمريو ۽ ان تي لعنت موڪلي ۽ ان جي لاءِ تيار ڪري رکيائين وڏو عذاب.

﴿4﴾ مَنۡ قَتَلَ نَفۡسًۢا بِغَیۡرِ نَفۡسٍ اَوۡ فَسَادٍ فِی الۡاَرۡضِ فَکَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِیۡعًا ؕ (پ 6 المائده 32)

ترجموڪنزالايمان: جنهن بہ ڪنهن جان (ساه واري) کي قتل ڪيو بغير بدلي ساه جي يا زمين ۾ فساد ڪندي تہ ڄڻ انهيءَ سمورن ماڻهن کي قتل ڪيو

اهڙي طرح حديثن ۾ مسلمانن جي جان مال، عزت و آبرو جي حرمت ۽ ان کي قتل ڪرڻ يا ايذاء پهچائڻ جي مذمّت بيان ڪئي وئي آهي، اچو انهيءَ باري ۾ 6 فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو.

## ڪامل مسلمان جي سڃاڻپ

﴿1﴾ اَلْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُوْنَ مِنْ لِّسَانِهٖ وَ يَدِهٖ يعني ڪامل مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان ٻيا مسلمان محفوظ هجن. (بخاري ج 1 ص 15 حديث 10)

## برو هجڻ لاءِ اهوئي ڪافي آهي!

﴿2﴾ الله جا ٻانهؤ! پاڻ ۾ ڀاءُ ڀاءُ ٿي وڃو! مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي، نہ اهو ان تي ظلم ڪري ۽ نہ ان کي ذليل و خوار ڪري ۽ نہ ئي حقير سمجهي پوءِ ٽي ڀيرا سيني مبارڪ جي طرف اشارو ڪري فرمايائون: "تقويٰ هتي هوندي آهي (پوءِ فرمايائون) ڪنهن شخص جي بري هجڻ لاءِ ايتروئي ڪافي آهي جو اهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي. مسلمان جو خون، مال ۽ ان جي عزّت سڀ شيون

پين مسلمانن تي حرام آهن.“ (مسلم ص 1386 حديث 2564)

## قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريون فيصلو

﴿3﴾ اَوَّلُ مَا يُقْضٰى بَيْنَ النَّاسِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِي الدِّمَاءِ يعني: قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي وچ ۾ سڀ کان پهريون فيصلو خون جو ڪيو ويندو.

(مسلم ص 920 حديث 1678)

## انساني جان جي اهميّت

﴿4﴾ لَزَوَالُ الدُّنْيَا اَهْوَنُ عَلَى اللهِ مِنْ قَتْلِ رَجُلٍ مُسْلِمٍ يعني:الله عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ دنيا جو زائل ٿيڻ هڪ مسلمان جي قتل کان آسان آهي.

(ترمذي ج 3 ص 98 حديث 1400)

## هٿيار ڪڍڻ وارو اسان مان ناهي!

﴿5﴾ مَنْ حَمَلَ عَلَيْنَا السِّلَاحَ فَلَيْسَ مِنَّا جنهن اسان (مسلمانن) تي هٿيار ڪنيو اهو اسان مان ناهي. (بخاري ج 4 ص 359 حديث 6874)

## گمراهه نه ٿي وڃجو!

﴿6﴾ اَلَا فَلَا تَرْجِعُوْا بَعْدِيْ ضُلَّالًا يَضْرِبُ بَعْضُكُمْ رِقَابَ بَعْضٍ خبردار مون کان پوءِ گمراهه نه ٿي وڃجو جو اوهان مان ڪي ڪن ڪي قتل ڪرڻ لڳن.

(بخاري ج 3 ص 141 حديث 4406)

هڪ روايت ۾ ضُلَّالًا جي بدران كُفَّارًا آيو آهي يعني توهان جا اعمال ڪافرن وانگر نه ٿين جو مسلمانن کي قتل ڪرڻ لڳي وڃو، يعني منهنجي دنيا کان رخصت ٿيڻ کان پوءِ به ايمان ۽ تقويٰ تي ثابت رهڻ، ڪنهن تي ظلم نه ڪرڻ، مسلمانن سان جنگ نه ڪرڻ ۽ انهن جا مال باطل طريقي سان نه ڦبائجو ڇوته اها گمراهي ۽ حق کان ڦرڻ وارا ڪم آهن. (شرح الطيبي ج 5 ص 361 تحت الحديث 2659)

مُفسّر شهير حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: "يعني مون کان پوءِ اوهان گمراهـ يا ڪافرن وانگر نـہ ٿجو جو هڪڙا مسلمان ٻين مسلمانن کي ظلم طور قتل ڪرڻ لڳن. اهو خطاب رڳو صحابہ ڪرام (عَلَيۡهِمُ الرِّضوان) کي ناهي بلڪ قيامت تائين جي سموري امت لاءِ آهي."

(مرأة المناجيح ج 4 ص 173)

تنهن ڪري جيڪي ماڻهو مسلمان هئڻ جي باوجود بہ پنهنجي ئي ڀائرن جي جان و مال، عزت و آبرو جا دشمن ۽ انهن جي خون جا پياسا آهن، انهن کي مذڪوره آيتن ۽ حديثن مان عبرت حاصل ڪندي سچي دل سان الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهـ ۾ توبه ڪرڻ گهرجي. الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي:

اِلَّا مَنۡ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمۡ حَسَنٰتٍ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ۝

(پ 19 الفرقان 70)

ترجموڪنزالايمان: مگر جيڪو توبه ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ چڱا ڪم ڪري پوءِ اهڙن جي برائين کي الله چڱائين سان بدلي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

## ﴿9﴾ زهد ۽ تقويٰ روايتي ۽ بناوٽي هوندو

ايندڙ زماني ۾ ظاهر ٿيندڙ فتنن جي باري ۾ هڪ حديث شريف ۾ اهو مضمون بہ موجود آهي جو زهد و تقويٰ روايتي ۽ بناوٽي بڻجي ويندو، جهڙي ريت رحمت عالم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَا تَقُوۡمُ السَّاعَةُ حَتّٰى يَكُوۡنَ الزُّهۡدُ رِوَايَةً وَالۡوَرَعُ تَصَنُّعًا يعني قيامت قائم نہ ٿيندي ايتري قدر جو زهد روايتي ۽ تقويٰ بناوٽي بڻجي ويندو.

(حلية الاولياء ج 3 ص 141)

علّامہ عبدالرؤف مناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی انهيءَ حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”قصہ گو ۽ وعظ ڪندڙ وانگر ماڻهو صالحن جي زهد و تقويٰ جون روايتون هڪ ٻئي ٻڌائي روئندا ۽ اهڙيون زباني ڪلامي ڳالهيون ڪندا جيڪي انهن جي دلين ۾ نہ هونديون.“

(فيض القدير ج 6 ص 543 تحت الحديث 9856)

## رياڪاري ڇا کي چئبو آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اڄڪلھ خودنمائي ۽ رياڪاري (ڏيکاءُ) جي پيش نظر ماڻهن تي پنهنجي عبادت، زهد و تقويٰ ۽ خوفِ خدا جو ڌاڪو ويهارڻ لاءِ بناوٽي زهد و تقويٰ اختيار ڪرڻ وارن جي ڪمي ناهي. ياد رکو! ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا کان سواءِ ڪنهن ٻئي ارادي سان عبادت ڪرڻ رياڪاري آهي.“ (الزواجر ج 1 ص 86) مثال طور ماڻهن تي پنهنجي عبادت جو ڌاڪو ويهارڻ جو ارادو هجي تہ ماڻهو ان جي تعريف ڪن، ان جي عزت ڪن ۽ ان جي خدمت ڪندي مال پيش ڪن.

حضرت سيدنا ابو سعد انصاري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو: قيامت جي ڏينهن جڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سيني ماڻهن کي گڏ فرمائيندو جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هڪ منادي هي ندا ڪندو تہ جنهن پنهنجي ڪنهن عمل ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو اهو پنهنجو ثواب غير اللّٰه کان وٺي ڇوتہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ شريڪن جي شرڪ کان پاڪ آهي. (ترمذي ج 5 ص 105 حديث 3165)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! محشر جي رسوائي کان پاڻ کي بچائڻ

۽ رياڪاري جي آفت کان جان ڇڏائڻ لاءِ رياڪاري جون علامتون ڄاڻڻ انتهائي ضروري آهن پر افسوس! اڄ اسان جي اڪثريت ان کان غافل پئي نظر اچي. اچو دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 166 صفحن تي مشتمل ڪتاب رياڪاري (اردو) مان خودپسندي ۽ رياڪاري جا ڪجھ مثال ملاحظ فرمايو:

## ڳالهائڻ دوران رياڪاري جون صورتون

﴿1﴾ نهيل نڪيل لفظن ۾ هن نيّت سان ديني ڳالهيون ڪرڻ تہ جيئن ماڻهن تي ان جي وسيع ديني معلومات، فصاحت ۽ بلاغت جو ڌاڪو ويهي، جو مان اهڙو تہ قادرُالڪلام آهيان جو ڪوبہ مون کان وڌيڪ سهڻي نموني پنهنجو مقصد بيان ڪري ئي نہ ٿو سگهي. اهڙا ماڻهو پنهنجي گفتگو جي انداز جي ذريعي نمايان مقام حاصل ڪرڻ جا خواهشمند هوندا آهن.

﴿2﴾ مُصنِّف جو ڪتاب جي مقدّمي (شروع) ۾ اهڙي قسم جا لفظ لکڻ: ”مون ايڏو وڏو مثلاً 1000 صفحن جو ڪتاب صرف 10 ڏينهن ۾ لکيو آهي.“ تہ جيئن پڙهڻ وارن تي سڄي وقت ديني ڪمن ۾ مصروف رهڻ جو ڌاڪو ويهي.

﴿3﴾ بيان ڪرڻ واري جي بيان جي شروعات ۾ اهڙي قسم جا لفظ ڳالهائڻ جو ٻڌڻ وارو ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ قربانيون ڏيڻ وارو سمجهي، پاڻ کي ان جو احسان مند سمجهن.

﴿4﴾ گفتگو جي دوران ٿوري گهڻي ڳالھ تي پنهنجا ديني ڪارناما بيان ڪرڻ تہ جيئن ٻڌڻ وارا ان کي دين جو وڏو خادم سمجهن ۽ ان جي عظمتن جا قائل ٿين.

﴿5﴾ ڪنهن کي پنهنجا گهڻا فضائل ٻڌائي هي چوڻ ته ”اوهان ڪنهن ٻئي کي نه ٻڌائجو.“ ته جيئن سامهون وارو متاثر ٿئي (۽ چوي ته) وڏو مُخلِص شخص آهي جو ڪنهن تي پنهنجا نيڪ عمل ظاهر ٿيڻ نٿو چاهي.

﴿6﴾ ڪنهن کي نيڪي جي دعوت هن نيّت سان ڏنائين ته جيئن ماڻهو ان کي مسلمانن جو عظيم خيرخواه سمجهن يا ڪنهن کي برائي کان ان لاءِ روڪيائين ته جيئن ماڻهو ان کان متاثر ٿين ”وڏو غيرتمند شخص آهي جو برائي ڏسي چپ نه ٿو رهي سگهي.“

﴿7﴾ حج ڪرڻ واري جو بنا ضرورت جي، پاڻ کي ان نيّت سان حاجي ظاهر ڪرڻ ته جيئن ماڻهو ان جي تعظيم ڪن.

﴿8﴾ عاجزي يا همدردي جا اهڙا لفظ ڳالهائڻ، جن جي دل تائيد نه ڪندي هجي، مثال طور مان ته وڏو ڪميڻو آهيان، مان ته اوهان جي در جو ڪُتو آهيان (۽ جڏهن ڪو ان کي انهن لفظن سان مخاطب ڪرڻ جي جُرئت ڪري ته جذباتي ٿي وڃي)

﴿9﴾ پنهنجي نيڪين جو بنا ضرورت اظهار ان نيّت سان ڪرڻ ته جيئن ماڻهن جي دلين ۾ ان جي عزت ۽ مرتبي ۾ اضافو ٿئي.

﴿10﴾ مناظرانه گفتگو جو انداز هن نيّت سان اختيار ڪرڻ ته جيئن ٻڌڻ وارا ان جي سمجهداري ۽ ذهانت جا قائل ٿي پون.

## عمل جي ذريعي رياڪاري جون صورتون

﴿1﴾ گفتگو يا بيان ڪرڻ يا ٻڌڻ يا نعت شريف پڙهڻ يا ٻڌڻ جي دؤران ان نيّت سان اشڪبار ٿيڻ جو ڏسندڙ ان کي خدا عَزَّوَجَلَّ جو خوف رکندڙ، تمام وڏو عاشق رسول سمجهن.

﴿2﴾ ماڻهن جي موجودگي ۾ يا ڪنهن محفل ۾ لاڳيتو چپ چورڻ نہ جيئن ماڻهو ان کي ڪثرت سان ذِڪرُالله عَزَّوَجَلَّ ڪرڻ وارو يا درود پاڪ پڙهڻ وارو سمجهن.

﴿3﴾ فقط ان لاءِ زباني بيان ڪرڻ تہ جيئن ماڻهو ان کي تمام وڏو عالم سمجهن يا ڏسي بيان ڪرڻ کان ان کري ڪيٻائڻ جو ٻڌڻ وارا ان کي جاهل نہ سمجهن.

﴿4﴾ ٻاهر عفو، درگذر ۽ عاجزي جو پيڪر ٻڻجي رهڻ ۽ وري گهر ۾ اهڙو ببر شير جو سندس نڪ تي مک بہ نہ ويهي.

﴿5﴾ ماڻهن جي سامهون خوش اخلاقي جو مظاهرو ڪري ۽ گهر وارا ان جي بد اخلاقي کان بيزار هجن.

﴿6﴾ ماڻهن جي سامهون خشوع ۽ خضوع (ظاهري ۽ باطني عاجزي سان سيئي آداب پورا ڪندي نماز پڙهي ۽ اڪيلائي ۾ اهڙي طرح پڙهي جو فرضن ۽ واجبن جي پوري هجڻ ۾ شڪ ٿئي.

﴿7﴾ جَلْوَت ۾ (يعني ماڻهن جي سامهون) کائڻ، پيئڻ، ويهڻ ۽ بين سنّتن تي چڱي طرح عمل ڪرڻ، پر خَلْوَت (يعني اڪيلائي) ۾ سُستي ڪرڻ. (رياڪاري ص 30 کان 34 ملتقطًا)

خبردار! خبردار! خبردار! ڪنهن بہ مسلمان کي (خاص طور تي جن جو ذڪر ٿيو) رياڪار گمان نہ ڪجو. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: لڪين مسئلا ۽ حڪمَ، نيت جي فرق جي ڪري تبديل ٿي پوندا آهن. (فتاوىٰ رضويہ ج 8، ص 98)

تنهن ڪري سامهون واري جي نيّت ڄاڻڻ کان سواءِ ان جي قول و فعل جي سبب ان کي رياڪار سمجهڻ يا چوڻ، اسان کي غيبت، بدگماني ۽ بهتان تراشي جهڙين مصيبتن ۾ مبتلا ڪري

سگهي ٿو جيڪي حرام ۽ جهنم ۾ ني وڃڻ وارا ڪم آهن. ان لاءِ اسان مان هر هڪ کي گهرجي تہ قول و فعل جي ذريعي ٿيڻ وارين رياڪارين جي صورتن کي بين ۾ ڳولڻ بدران پنهنجي پاڻ ۾ تلاش ڪريون ۽ جيڪڏهن دل ۾ ان ريا واري بيماري جون علامتون محسوس ڪريون تہ توبھ ڪان پوءِ علاج ۾ دير نہ ڪريون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جڏهن اسان پنهنجي باطن کي پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ اسان جو ظاهر بہ صاف سٿرو ٿي ويندو.

## باطن پاڪ ڪريو ظاهر بہ سٿرو ٿي ويندو

شهنشاه مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان باقرينہ آهي: جيڪو پنهنجي باطن جي اصلاح ڪندو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان جي ظاهر جي (بہ) اصلاح فرمائيندو. (جامع الصغير ص 508 حديث 8339)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا مخلص ٻانها رياڪاري جي خوف ڪان پنهنجون نيڪيون ڪهڙي طرح لڪائيندا آهن، ان کي هن حڪايت مان سمجهو.

## بيمثال مثال

حضرت سيدنا داوٗد طائي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه لاڳيتو چاليهن سالن تائين روزا رکندا رهيا پر سندن اخلاص جو اهو عالم هو جو پنهنجي گهروارن کي بہ خبر پوڻ نہ ڏنائون. ڪم تي ويندي، منجهند جي ماني گڏ کڻي ويندا هئا ۽ رستي ۾ ڪنهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا مغرب ڪان بعد گهر اچي ماني کائيندا هئا. (معدن اخلاق حصہ اوّل ص 182)

## مخلص جو عمل ظاهر ڪيو ويندو آهي

حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن جو فرمان عاليشان آهي: ”جيڪڏهن توهان مان ڪو شخص ڪنهن اهڙي سخت چٽان تي ڪو عمل ڪري جنهن جو نہ ڪو دروازو هجي ۽ نہ ئي روشندان تڏهن بہ ان جو عمل ظاهر ٿي ويندو، (چاهي) جهڙو بہ عمل هجي. (مسند احمد ج 4 ص 57 حديث 11230)

مُفسّر شهير حڪيمُ الامَّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت لکن ٿا: انهيءَ عظيم فرمان جو مقصد هي آهي تہ اوهان ريا ڪري پنهنجا عملَ چو برباد ڪندا آهيو، اوهان اخلاص سان نيڪيون ڪيو، لِڪائي ڪيو، اللّٰه تعاليٰ اوهان جون نيڪيون خود ماڻهن تي ظاهر ڪري ڇڏيندو، ماڻهن جون دليون اوهان کي نيڪ سمجهنديون. اهو ڏاڍو مُجَرَّب آهي. ڪي ماڻهو لڪ ۾ تهجُّد پڙهندا آهن، ماڻهو نہ چاهيندي بہ انهن کي تهجُّد گذار چوندا آهن بلڪ هر نيڪي جو نور چهري تي ظاهر ٿيندو آهي. جنهن جو رات ڏينهن مشاهدو ٿي رهيو آهي تہ ماڻهو حضور غوث پاڪ، خواجہ اجميري (رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِما) کي ولي چوندا آهن چوتہ ربّ تعاليٰ چورائي رهيو آهي. (مرأة المناجيح، ج 7، ص 145)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان دعا آهي تہ اسان کي رياڪاري کان بچڻ ۽ اخلاص سان صالح عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

موجوده دور جي برائين مان هڪ برائي هي بہ آهي تہ مسجدن ۾ ويهي دنيا جون ڳالهيون ڪيون ونديون آهن حالانڪ ان جي متعلق حديث پاڪ ۾ سخت وعيد آئي آهي.

## ﴿10﴾ مسجدن ۾ دنياوي ڳالهيون

شفيعِ اُمت، شهنشاهِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن ارشاد فرمايو: هڪ اهڙو زمانو ايندو يَكُوْنُ حَدِيْثُهُمْ فِيْ مَسَاجِدِهِمْ فِيْ اَمْرِ دُنْيَاهُمْ جو مسجد ۾ دنيوي ڳالهيون ٿينديون فَلَا تُجَالِسُوْهُمْ فَلَيْسَ لِلّٰهِ فِيْهِمْ حَاجَةٌ توهان انهن سان گڏ نہ ويهو جو الله عَزَّوَجَلَّ کي انهن سان ڪو ڪم ناهي. (شعب الايمان ج 3 ص 86 حديث 2962)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”يعني الله (عَزَّوَجَلَّ) انهن تي ڪرم نہ ڪندو، نہ تہ ربّ کي ڪنهن بانهي جي ڪا ضرورت ناهي، اهو ضرورتن کان پاڪ آهي. (مرأة المناجيح، ج 1، ص 457)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بدقسمتي سان مسجد ۾ دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ عام ٿيندو پيو وڃي. افسوس! علم دين کان دوري جي سبب اڄڪلهہ مسجد ۾ ويهي وڏي لاپرواهي ۽ غيرسنجيدگي سان نہ رڳو دنياوي ڳالهيون ڪيون وينديون آهن بلڪ چاٽي واٽي يا بيخبري ۾ ڪيترائي اهڙا ڪم بہ ڪيا ويندا آهن جيڪي مسجد جي آداب جي خلاف هوندا آهن. غور تہ ڪيو! مسجد ۾ دنياوي ڳالهيون ڪرڻ وارا ڪيڏا نہ بدنصيب آهن جو نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ انهن سان گڏ ويهڻ ۽ صحبت اختيار ڪرڻ کان منع فرمايو آهي.

ياد رکو! مسجد ۾ ڏڪڻ، ڏاڍيان ٽچ ڏيڻ، ڪنگهڻ يا اوڳرائي ڏيڻ، خواهہ مخواهہ وڏي آواز سان اوٻاسي ڏيڻ، پڻ اعتڪاف جي نيّت جي بغير کائڻ وغيره سان بہ مسجد جو تقدّس پائمال ٿيندو آهي. اچو مسجد جي ادب و احترام جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ مسجد جي متعلق 12 آداب ۽ احڪام ٻڌؤن ٿا:

# مسجد جا آداب

﴿1﴾ جڏھن بہ مسجد ۾ قدم رکو تہ پھريان ساڄو پوءِ کابو ۽ واپسي تي ان جي ابتڙ.

﴿2﴾ بغير نيّت اعتڪاف جي ڪا شيءِ کائڻ جي اجازت ناھي.

﴿3﴾ گھڻين مسجدن ۾ دستور آھي تہ رمضان شريف ۾ ماڻھو نمازين لاءِ افطاري موڪليندا آھن اھي بنا نيّت اعتڪاف جي اتي بي تڪلف تي کائيندا، پيئندا ۽ فرش خراب ڪندا آھن، اھو ناجائز آھي.

﴿4﴾ وضو ڪرڻ کان پوءِ وضو وارن عضون مان پاڻي جو ھڪ ڦڙو بہ مسجد جي فرش تي نہ ڪري.

﴿5﴾ مسجد ۾ ڊوڙڻ يا زور سان قدم رکڻ، جنھن سان ڌبڪو پيدا ٿئي منع آھي.

﴿6﴾ مسجد ۾ جيڪڏھن ڇڪ اچي تہ ڪوشش ڪريو آواز آھستي نڪري اھڙيءَ طرح کنگھہ. (حديث ۾ آھي:) اَنَّ رَسُولَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ يَكْرَهُ الْعَطْسَةَ الشَّدِيْدَةَ فِي الْمَسْجِدِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا پيارا حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مسجد ۾ زور سان ڇڪ ڏيڻ کي ناپسند فرمائيندا ھئا.

(شعب الايمان ج 7 ص 32 حديث 9356)

﴿7﴾ اھڙي طرح اوڳرائيءَ کي روڪڻ گھرجي ۽ ائين نہ ڪري سگھي تہ وس آھر ڏاڍيان آواز ڪڍي جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاھر ڇو نہ ھجي خاص ڪري مجلس ۾ يا ڪنھن مُعَظَّم (يعني بزرگ) جي سامھون بي مروّتي آھي. حديث شريف ۾ آھي: ھڪ شخص حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي دربار ۾ اوڳرائي ڏني، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: كُفَّ عَنَّا جُشَاءَكَ فَاِنَّ اَكْثَرَ هُمْ شِبَعًا فِي الدُّنْيَا اَطْوَلُهُمْ جُوْعًا

يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ ”اسان ڪان پنهنجي اوڳرائيءَ کي پري رک، جڏهن ته دنيا ۾ جيڪي گهڻي عرصي تائين پيٽ پريندا هئا اهي قيامت جي ڏينهن گهڻو عرصو بُکايل رهندا.“ (ترمذي ج 4 ص 217 حديث 2486)

﴿8﴾ اوباسيءَ ۾ ڪتي به آواز نه ڪڍڻ گهرجي. جيتوڻيڪ مسجد کان ٻاهر اڪيلو هجي، ڇو ته هي شيطان جو ٺهڪ آهي. جڏهن اوباسي اچي ته جيترو ٿي سگهي وات بند رکو، وات کولڻ سان شيطان وات ۾ ٿُڪ اڇلائيندو آهي. جيڪڏهن ائين نه رڪجي ته مٿين ڏندن سان هينيان چپ پيڙيو ۽ اهڙيءَ طرح به نه رڪجي ته جيترو ٿي سگهي، وات گهٽ کوليو ۽ کابي هٿ جو پويون پاسو وات تي رکي ڇڏيو، ائين نماز ۾ به پر قيام جي حالت ۾ ساڄي هٿ جي پُٺ رکو ڇوته کاٻو هٿ رکڻ جي ڪري ٻئي هٿ پنهنجي مسنون جڳهه تان هٽندا ۽ ساڄو رکڻ ۾ اهو ئي ضرورت جي ڪري بدليو، کاٻو پنهنجي مسنون حالت تي رهيو. اوباسي روڪڻ جو مجرب طريقو هي آهي ته جڏهن اوباسي اچي ته اهو تصوُّر ڪريو ته انبياءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي اوباسي نه ايندي هئي.

﴿9﴾ مسجد ۾ دنيا جي ڪا ڳالهه نه ڪئي وڃي. باقي! جيڪڏهن ڪا ديني ڳالهه ڪنهن سان ڪرڻي هجي ته ويجهو وڃي آهستي چوڻ گهرجي، هيئن نه ٿئي جو هڪ صاحب مسجد جي اندران، ٻاهرين ماڻهن سان بيهي وڏي آواز سان ڳالهائي يا ڪو ٻاهران ان کي سڏي ۽ هي ان جو ڏاڍيان جواب ڏئي.

﴿10﴾ مذاق مسخري ڪرڻ ته هونئن به منع آهي ۽ مسجد ۾ اڃا سخت ناجائز ۽ کلڻ منع آهي جو قبر ۾ اونداهي جو سبب آهي. (فردوس الاخبار ج 2 ص 41 حديث 3706) باقي! موقعي جي مناسبت سان مُرڪڻ

۾ حرج ناهي. مسجد جي فرش تي ڪا شيءِ اڇلائي نه وڃي، بلڪ آهستي رکجي. گرميءَ جي موسم ۾ ماٺهو وِڃڻو هٿندي هٿندي اڇلائي ڇڏيندا يا لٺ، ڇٽي وغيره رکڻ لاءِ پري کان اڇلائيندا آهن، ان جي ممانعت (يعني منع ٿيل) آهي. مطلب ته مسجد جو احترام هر مسلمان تي فرض آهي.

﴾11﴿ مسجد ۾ حَدَث (يعني هوا خارج ڪرڻ) منع آهي ضرورت هجي ته ٻاهر هليو وڃي، ان ڪري مُعتَڪِف کي گهرجي ته اعتڪاف جي ڏينهن ۾ گهٽ کائي، پيٽ هلڪو رکي جو قضاءِ حاجت ڪانسواءِ ڪنهن وقت ريح خارج ڪرڻ جي حاجت ئي نه ٿئي، جو ته هو انهيءَ جي لاءِ ٻاهر نه ٿو وڃي سگهي.

﴾12﴿ قبلي ڏانهن پير ڦهلائڻ ته هر جڳهه تي منع آهي، مسجد ۾ ڪنهن به طرف پير نه ڦهلايو جو هي دربار جي آداب جي خلاف آهي. حضرت سِري سَقطي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مسجد ۾ اڪيلا وينا هئا، پير ڦهلايائون. مسجد جي ڪنڊ مان هاتفي آواز آيو: ”ڇا بادشاهن جي دربار ۾ ائين ويهبو آهي؟“ جلد پير سوڙها ڪري ويهي رهيا ۽ اهڙا سوڙها ڪيائون جو انتقال جي وقت ئي ڦهليا.

(ملفوظات اعليٰ حضرت 316 کان 323 ملتقطا)

## نجات جا 5 طريقا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو! مٺا مٺا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان تي ڪيتري قدر مهربان آهن جو موجوده دؤر ۾ ظاهر ٿيندڙ هڪ هڪ فتني جي نه رڳو ڪيئي سال پهريان، اڳواٽ ئي خبر ڏئي ڇڏي بلڪ امت کي انهن کان بچائڻ جي لاءِ وقتِ سر انهن فتنن کان نجات جا مختلف طريقا به ارشاد فرمايا.

اچو اسان بہ سيني برين خصلتن، خاص طور تي حديثن مبارڪن ۾ بيان ڪيل فتنن کان پنهنجو پاڻ کي بچائڻ جي لاءِ نجات جا پنج طريقا پڙهون ٿا:

## ﴿1، 2، 3﴾ پهريان توريو پوءِ ڳالهايو

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 576 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي 246 کان 247 تي آهي: حضرت سيِّدُنا عُقبہ بن عامر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! نجات ڇا آهي؟“ فرمايائون: ”پنهنجي زبان کي روڪيو (يعني پنهنجي زبان اتي کوليو جتي فائدو هجي، نقصان نہ هجي) ۽ توهان جو گهر توهان جي لاءِ ڪفايت ڪري (يعني بنا ضرورت گهر مان نہ نڪرو) ۽ پنهنجي گناهن تي روئندا ڪريو.“ (ترمذي ج 4 ص 182 حديث 2414)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ فضول ڳالهہ کان بچڻ، بنا ضرورت گهر مان ٻاهر نہ نڪرڻ ۽ پنهنجي گناهن کي ياد ڪري روئڻ، مطلب تہ هر عضوي جو قفلِ مدينہ لڳائڻ بہ نجات جو ذريعو آهي.

اللہ ہمیں کردے عطا قُفلِ مدینہ — ہر ایک مسلماں لے لگا قفلِ مدینہ
بولوں نہ فُضول اور رہیں نیچی نگاہیں — آنکھوں کا زباں کا دے خدا قفلِ مدینہ

## ﴿4﴾ سٺي نڪاٽي جي ڳولا

فتنن کان بچڻ جو هڪ مؤثر طريقو هي آهي تہ ڪو اهڙو نڪاٽو ڳوليو وڃي جنهن جي پناهہ ۾ اچي فتنن ۽ براين کان جدا رهڻ ممڪن هجي. جهڙي طرح حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”عنقريب

اهڙا فتنا ٿيندا جو انهن ۾ ويٺي رهڻ وارو بهتر هوندو بيهڻ واري کان ۽ انهن ۾ بيٺل بهتر هوندو هلڻ واري کان ۽ انهن ۾ هلڻ وارو بهتر هوندو ڊوڙڻ واري کان، جيڪو انهن ڏانهن نهاريندو اهي ان کي مبتلا ڪري ڇڏيندا تہ جيڪو پناھ يا ٺڪاڻو لهي تہ ان جي پناھ وٺي.“ (بخاري ج 4 ص 435 حديث 7081)

مُفسّر شهير حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”ان فرمانِ عالي ۾ ويهڻ، بيهڻ، هلڻ، ڊوڙڻ تشبيھ ۽ استعاري طور ارشاد ٿيو آهي، ويهڻ مان مراد آهي انهن فتنن کان الڳ ٿي رهڻ، انهن سان بلڪل واسطو نہ رکڻ، اهو فتنن کان حفاظت جو ذريعو هوندو جو اهو نہ فتنن کي ڏسندو نہ انهن جو اثر وٺندو ۽ بيهڻ مان مراد آهي پري کان انهن کي ڏسڻ، انهن تي خبردار ۽ مطلع ٿيڻ، هلڻ مان مراد آهي انهن ۾ مشغول هجڻ پر معمولي طور تي ۽ ڊوڙڻ مان مراد آهي انهن ۾ چڱي نموني مشغول هجڻ.“ (مرأة المناجيح ج 7 ص 195)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي جيڪو ماڻهو گناهن ڀريي ماحول ۾ رهندو هجي هر وقت گناھ ٿيندي ڏسندو هجي اهو هڪ نہ هڪ ڏينهن برائين ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو ۽ ان جي ابتڙ جنهن خوش نصيب کي نيڪين ڀري ماحول جي صورت ۾ سٺو ٺڪاڻو ميسر اچي وڃي اهو گناهن کان بچي ويندو آهي چوتہ صحبت پنهنجو ضرور اثر ڏيکاريندي آهي. موجوده دؤر ۾ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول گناهن کان بچڻ جو هڪ بهترين ٺڪاڻو آهي جيڪو بہ اخلاص سان ان جي دامن ۾ ايندو آهي هي ان کي دامن مصطفيٰ سان وابستہ ڪري ڇڏيندو آهي. دعوتِ اسلامي جي

ماحول ۾ اچڻ سان ڪهڙي طرح گناهن سان نفرت ۽ نيڪين سان محبت ۽ آخرت جو فڪر ملندو آهي ان جي هڪ جهلڪ هن مدني بهار ۾ ملاحظ فرمايو:

## واهه ڇا ڳالهه آهي مدني تربيتي ڪورس جي!

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جي علائقي جو هڪ نوجوان جيڪو والدين جو اڪيلو پٽ هو، غلط صحبت جي سبب چرس جو عادي بڻجي ويو، گهر کان ٻاهر رهڻ ان جو معمول هو، والد صاحب اڪثر ان کي قبرستان مان چرسين جي وچ مان اٿاري گهر وٺي ايندا هئا، سيئي گهر وارا هن جي سبب پريشان هئا، هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ ان نوجوان تي انفرادي ڪوشش ڪندي ان کي مدني تربيتي ڪورس ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، خوش قسمتي سان ان حامي ڀري ۽ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ۾ اچي ويو، سڀ گهر وارا خوش ٿي ويا! سيئي گهر وارا دعا ڪري رهيا ها تہ هي نيڪ بڻجي وڃي پر اجا بہ ڊنل هئا تہ متان واپس نہ موٽي اچي! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ٽورن ڏينهن کان پوءِ ڪجهه هن طرح سان فون آيو تہ تربيّتي ڪورس ۾ فيضان مدينہ ۾ تمام گهڻو مزو اچي رهيو آهي، فيضان مدينہ ۾ اڻين لڳي ٿو تہ مديني منوّر زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيْماً مان سڌو سنئون فيض اچي رهيو آهي مون پنهنجي سيني گناهن کان توبہ ڪري ڇڏي آهي هاڻي مان با جماعت نمازون ادا ڪري رهيو آهيان سنتون سکي رهيو آهيان ۽ مون کي تمام سڪون ملي رهيو آهي.” اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! مدني تربيتي ڪورس

مان واپسي تي اهو واقعي بدلجي چڪو هو، ان جي حيرت انگيز تبديلي تي سڀ گهر وارا بلڪ پورو پاڙو حيران هو، چهري تي پُر نور ڏاڙهي ۽ مٿي تي سبز عمامي شريف جو تاج جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيو هو، ان گهر ايندي ئي گهروارن تي انفرادي ڪوشش شروع ڪئي جنهن جي برڪت سان والد صاحب به چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو ۽ پابندي سان هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت فرمائڻ لڳا، والده محترمه ”درسِ نظامي“ ۽ ڀيڻ ”شريعت ڪورس“ ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويون، ان نوجوان جي والد صاحب مبلّغ دعوت اسلامي کي ڪجھ هن طرح ٻڌايو ته مان دعوتِ اسلامي وارن جي لاءِ برڪت جي دعا ڪيان ٿو، خاص ڪري انهن جي لاءِ جن منهنجي پٽ تي ”انفرادي ڪوشش“ ڪئي ۽ 63 ڏينهن جي مدني تربيتي ڪورس ۾ هٿو هٿ وٺي ويا ڇوته اسان ان جي عادتن مان ڏاڍا پريشان هئاسين، هن جي والده ته ايترو بيزار ٿي چڪي هئي جو هڪ ڏينهن جذبات ۾ اچي جيت مار دوا ڪٽي آئي ته يا مان ڪائي مري ويندس يا هن کي کارائي، ماري ڇڏيندس، هاڻي ان جي والده روئي روئي دعائون ڪندي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي وارن کي سلامت رکي جو انهن جي ڪوششن سان منهنجو بگڙيل پٽ نيڪ بڻجي ويو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿5﴾ بڏنڌڙ شخص جي دعا

فتنن، مصيبتن ۽ گناهن کان بچڻ جي عملي تدبيرن کان سواءِ انهن مان نجات جو طريقو هي به آهي ته انهن فتنن کان الله

عَزَّوَجَلَّ جي پناهه طلب ڪئي وئي. جهڙي ريت حضرت سيدنا همام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضرت سيدنا حذيفہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: ”ماڻهن تي ضرور اهڙو زمانو ايندو جنهن ۾ صرف اهو شخص نجات حاصل ڪندو جيڪو ٻڏڻ واري جيان دعا ڪندو.“

(مصنف ابن ابي شيبة ج 8 ص 598 حديث 37)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح سمنڊ ۾ ٻڏڻ وارو هر پاسي کان مايوس ٿي بي چيني ۽ ڪشمڪش جي حالت ۾ خشوع و خضوع ۽ حضورِ قلبي سان پنهنجي ربّ کي پڪاريندو آهي ۽ پوري طرح پنهنجي ربّ جي طرف متوجهه ٿي، انتهائي اخلاص سان پنهنجي نجات جي دعا ڪندو آهي، اهڙي طرح فتنن جي دور ۾ اخلاص سان دعا ڪرڻ انهن جي نجات جي لاءِ بيحد مفيد آهي. امت جي تعليم لاءِ خلق جي رهبر، سيني نبيّن جي سرور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نہ رڳو پاڻ فتنن کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه گهري بلڪ صحابہ ڪرام عَلَیْهِمُ الرِّضْوَان کي بہ ان جي تلقين فرمائي، اچو انهيءَ سلسلي ۾ 2 حديثون ٻڌون ٿا.

## چئن شين کان پناهه

﴿1﴾ حضرت سيدنا ابونضره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ چون ٿا تہ مون حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا جن کي بصره جي منبر تي هي فرمائيندي ٻڌو تہ خلق جا رهبر، سيني نبيّن جي سرور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نماز کان پوءِ چئن شين کان پناهه گهرندا هئا: اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ وَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ عَذَابِ النَّارِ وَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الْفِتَنِ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَ مَا بَطَنَ وَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ فِتْنَةِ الْاَعْوَرِ الْكَذَّابِ يعني: مان عذابِ قبر کان، عذابِ نار کان، سيني ظاهري ۽ باطني فتنن کان ۽ ڪاڻي ڪوڙي (دجّال) جي فتني کان الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهه

گهران ٿو. (مسند احمد ج 1 ص 627 حديث 2667)

﴿2﴾ حضرت سيدنا زيد بن ثابت رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان کي ارشاد فرمايو: تَعَوَّذُوْا بِاللّٰهِ مِنْ عَذَابِ النَّارِ جهنم جي عذاب کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرو تہ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ عَذَابِ النَّارِ اسان جهنم جي عذاب کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرون ٿا، وري فرمايائون: تَعَوَّذُوْا بِاللّٰهِ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ قبر جي عذاب کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرو تہ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ اسان قبر جي عذاب کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرون ٿا، وري فرمايائون: تَعَوَّذُوْا بِاللّٰهِ مِنَ الْفِتَنِ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ ظاهري باطني فتنن کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرو تہ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الْفِتَنِ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ اسان ظاهري باطني فتنن مان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرون ٿا، وري فرمايائون: تَعَوَّذُوْا بِاللّٰهِ مِنْ فِتْنَةِ الدَّجَّالِ دجال جي فتني کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرو، تہ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ فِتْنَةِ الدَّجَّالِ اسان دجال جي فتني کان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ گهرون ٿا. (مسلم ص 1534 حديث 2867 مختصرًا)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ استقامت عطا فرمائي ۽ اسان کي سيني ظاهري باطني فتنن کان بچائي پنهنجي ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ۾ زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 |
| مدني مُني جو خوف | 1 |
| پنجن سان محبّت ۽ پنجن کان غفلت | 3 |
| ﴿1﴾ گهر وارن جي هٿان هلاڪت | 5 |
| ﴿2﴾ حلال ۽ حرام مال جي باري ۾ لاپرواهي | 6 |
| حرام مال جو وبال | 6 |
| بارگاهِ الٰهي ۾ دعوي | 7 |
| ﴿3﴾ سنتن تي عمل ڪرڻ جو مثال | 8 |
| دين تي هلڻ وارن جي لاءِ آزمائش | 9 |
| خود انصاف ڪريو! | 10 |
| ﴿4﴾ ظاهر ۾ دوست، باطن ۾ دشمن | 12 |
| منهنجي لاءِ ڪهڙو عمل ڪيو؟ | 13 |
| رضاءِ الاهي جي لاءِ محبّت ڪرڻ وارن جي جزا | 14 |
| ﴿5﴾ خاص خاص ماڻهن کي سلام ڪيو ويندو | 16 |
| سلام عام ڪيو ۽ اجر ڪمايو | 16 |
| ﴿6﴾ واپار ۾ گهرواري مڙس جي مدد ڪندي | 17 |
| چادر ۽ چارديواري جي تعليم ڪنهن ڏني؟ | 18 |
| عورت جي لاءِ ملازمت جا شرط | 19 |
| ﴿7﴾ تجارت ۾ نفعو نہ ٿيندو | 20 |
| ﴿8﴾ قتل جو سبب معلوم نہ هوندو | 20 |
| ڪامل مسلمان جي سڃاڻپ | 22 |
| برو هجڻ لاءِ اهوئي ڪافي آهي! | 22 |
| قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريون فيصلو | 23 |
| انساني جان جي اهميّت | 23 |
| هٿيار کڻڻ وارو اسان مان ناهي! | 23 |
| گمراہ نہ ٿي وڃجو! | 23 |
| ﴿9﴾ زهد ۽ تقويٰ روايتي ۽ بناوٽي هوندو | 24 |
| رياڪاري ڇا کي چئبو آهي؟ | 25 |
| ڳالهائڻ دؤران رياڪاري جون صورتون | 26 |
| عمل جي ذريعي رياڪاري جون صورتون | 27 |
| باطن پاڪ ڪريو ظاهر بہ سٺو ٿي ويندو | 29 |
| بيمثال مثال | 29 |
| مخلص جو عمل ظاهر ڪيو ويندو آهي | 29 |
| ﴿10﴾ مسجدن ۾ دنياوي ڳالهيون | 30 |
| مسجد جا آداب | 32 |
| نجات جا 5 طريقا | 34 |
| ﴿3،2،1﴾ پهريان توريو پوءِ ڳالهايو | 35 |
| ﴿4﴾ سٺي تڪاٽي جي ڳولا | 35 |
| واهہ ڇا ڳالهہ آهي مدني تربيتي ڪورس جي! | 37 |
| ﴿5﴾ پڏنڙ شخص جي دعا | 38 |
| ڇڻن شين کان پناهہ | 39 |
| فهرست | 41 |


## ﴿ فتني باز جي مذمّت ﴾

حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَلْفِتْنَةُ نَائِمَةٌ لَعَنَ اللهُ مَنْ اَيْقَظَهَا يعني: فتنو ستو پيو آهي، ان جي جاڳائڻ واري تي الله عَزَّوَجَلَّ جي لعنت.

(جامع الصغير ص 370 حديث 5975)

